# 20

# زهريلن مادن جي هاڃن کان بچڻ ۽ گھٽائڻ

# Preventing and Reducing Harm from Toxics


| هن باب ۾: | صفحو |
|---|---|
| زهريلن مادن جي هاڃن کان بچڻ ۽ گھٽائڻ | 450 |
| اسان ڪمپنين کي گندغلاظت صاف ڪرڻ لاءِ زور ڀري سگھون ٿا | 451 |
| لڪل هاڃا ۽ انهن ۾ ڪير ٿو لوڙي | 452 |
| هوا جي غلاظت | 454 |
| هوائي غلاظت جي چڪاس | 455 |
| قصو: بڪيٽ برگيڊ طريقو | 456 |
| صاف پيداوار | 458 |
| صاف سترا ننڍڙا ڪاروبار | 459 |
| قصو: چمڙي رنگڻ جي ڪارخانن ۾ صاف ستريون شيون ٺاهڻ | 461 |
| قصو: صاف ستري پيداوار جو فائدو | 462 |
| زهريلين غلاظتن جي اڪلائڻ جا هاڃيڪار طريقا | 463 |
| قصو: آفريڪي اسٽاڪ پائيل پراجيڪٽ | 463 |
| زهريلو واپار | 465 |
| قصو: پنهنجو گندغلاظت ڪٺو ۽ گھر وڃو | 465 |
| زهريلي گندغلاظت اڪلائڻ لاءِ بين الاقوامي معاهدا | 467 |
| مشغولي: نانگ ۽ ڏاڪڻ راند / لوڏي راند | 468 |

# زهريلن مادن جي هاڃن کان بچڻ ۽ گهٽائڻ




اسانکي جيئڻ جيئڻ زهريلن ڪيميائي مادن جي، پنهنجيءَ صحت ۽ ماحول تي پوندڙ هاڃيڪار اثرن جي ڄاڻ پوندي وڃي ٿي، تيئن تيئن وڌ کان وڌ ماڻهو منظم ٿي اهڙن هاڃن کان بچاءَ جون ڪوششون ڪن ٿا ۽ مختلف قسمن جي شين پيدا ڪرڻ لاءِ وڌيڪ صحت بخش ۽ پائدار طريقا اختيار ڪن ٿا.

واپاري، سرڪاري ليڊر ۽ ڪي سائنسدان، زهريلي ڪيميائي غلاظت جي خطرن لاءِ اها ڳالهہ چئي ان کي جائز قرار ڏين ٿا تہ ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ ڪجهہ خطرا برداشت ڪرڻا پون ٿا (تہ جيئن بجلي، طبي، سواريءَ جون جديد ۽ ڪمپيوٽر وغيره جو سهولتون حاصل ڪري سگهون). پر، اسان سان اها ڳالهہ نٿا ڪن تہ اهي سڀ فائدا، انسان ۽ ماحول لاءِ بيخطر ۽ بي ضرر طريقن سان بہ حاصل ڪري سگهجن ٿا (ڏسو ص. 458). هر وپرو اهڙن خطرن کي منهن ڏيڻ بجاءِ اسان اهڙن طريقن کي زور وٺرائي سگهون ٿا جيڪي ڪاڏي پيدا ڪرڻ، سامان ناهڻ ۽ توانائي حاصل ڪرڻ لاءِ وڌ ۾ وڌ سلامتيءَ وارا ٿين ٿا تہ زهريلي غلاظت کي بہ وڌ ۾ وڌ حد تائين گهٽائي سگهون ٿا.

# زهريلن ڪيميائي مادن کان بچڻ ۽ ضابطي هيٺ رکڻ

زهريلي غلاظت کان بچڻ جو سلسلو بچاءَ جي لاءِ ڏسيل احتياطن تي عمل ڪرڻ سان شروع ٿئي ٿو (ڏسو ص. 32). جيڪو ان ڏسڻ ۾ آهي ته ڪهڙي ڪم ڪرڻ يا شئي جي استعمال ڪرڻ سان هاڃو رسي سگهي ٿو. اسان ذاتي ۽ برادرين جي گڏيل راءِ رستي اهڙا فيصلا ڪري وڏ ۾ وڏ حد تائين انهن جي ڇيهي کان بچي سگهون ٿا. ساڳئي وقت اسانکي ڪاروباري مالڪن ۽ سرڪار کان، اهو به مطالبو ڪرڻ گهرجي ته ڪين پنهنجي ذاتي ۽ ڪاروباري فائدن کان وڌيڪ سڀني ماڻهن جي صحت جو پوءِ چاهي اهي امير هجن يا غريب، ماحول سميت سڀني جي دائمي صحت لاءِ سوچڻ گهرجي.

اسان روزانو ڪيترين اهڙين ڳالهين ڪندا رهون ٿا جن سبب اسان ۽ ٻيا متاثر ٿي زهريلن مادن سان واڳيا ٿيندا رهون ٿا. روزانو ڪيترين اهڙين شين سان به لاڳاپي ۾ اچون ٿا جن تي اسان ذاتي فيصلن رستي ضابطو رکي نٿا سگهون. جڏهن ته اهڙن ڪن لاڳاپن کي، مکيارين هجڻ جي حالت ۾ محدود ڪري سگهون ٿا. جنهن سان اسانکي، اسانجي ڪٽنبن ۽ اسانجي برادرين کي سلامتيءَ ۽ صحتمنديءَ سان رهڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. اهڙيون ذاتي مکياريون اڳتي هلي عام طور تي برادرين جي عادتن ۾ مٽجي وڃن ٿيون. ڇاڪاڻ ته، اسانکي جلد ئي خبر پئجي وڃي ٿي ته ڪنهن فرد لاءِ اڪيلي سر، زهريلن مادن سبب پيدا ٿيندڙ ڇيهي کي منهن ڏيڻ ڪيترو نه ڏکيو ٿئي ٿو.

زهريلن مادن جي ڇيهي کان بچڻ لاءِ اسانکي هيٺين ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي:



**پاڻ سمجهڻ** ۽ ٻين کي سيکارڻ ته، زهريلو ڪيميائي مادو اهڙا زهريلا مادا ڪيئن ڇيهو/ نقصان پهچائين ٿا. هن ڪ اپياس ڪريو. ماڻهن سان ڳالهايو ۽ انهن تنظيمن مان س جيڪي زهريلن مادن بابت ڄاڻ ڏين ٿيون. اسڪول، صحت مرڪز ڪم جا هنڌ، اوطاقون ۽ اسان جا گهر اهڙا هنڌ ٿي سگهن ٿا جتي برادرين کي زهريلن ڪيميائي مادن ۽ صحت بابت تعليم ڏئي سگهجي ٿي (زهريلن مادن تي برادريءَ جي بحث لاءِ ڏسو سرگرمي ص. 468).

**زهريلي مادي سان لاڳاپي ۾ اچڻ جو ذريعو** ڳولهيو ته اهو اسانجي گهر، پاڻيءَ جي رسد، پاڙي، ڪم واري هنڌ، اسڪول يا علائقي ۾ ڪٿي آهي. پنهنجي برادريءَ تي زهريلي غلاظت جي پيدا ٿيندڙ اثرن جي جائزي وٺڻ لاءِ اهڙو هنڌ گهمي ڏسو (ڏسو ص. 391). صحت جو جائزو وٺو (ڏسو ص. 500) يا غلاظت تي نظر رکڻ لاءِ هڪ تنظيم جوڙيو (ڏسو ص. 456).

**هر ممڪن زهريليءَ شئي کان پري رهڻ.** ڄاتل زهريلن وسيلن کان پري رهو. زهريليون شيون استعمال ۾ گهٽائي انهن جا اهاڃيڪار نعم البدل ڳولهيو. صفائيءَ جي شين (ڏسو ص. 373) ۽ آزاريندڙ جيوت کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ (ڏسو ص. 296 کان 301 ۽ 366) غير زهريلا طريقا ڳولهيو. ڪميونٽي سالڊ ويسٽ پروگرامن رستي زهريلن مادن تي ضابطو رکو (ڏسو ص. 396)، پاڻيءَ جا وسيلا بچايو (ڏسو ص. 75) ڪاڌي اپائڻ وارن هنڌن/ واڙين ۽ عوامي هنڌن جهڙوڪ: باغيچن جهڙن هنڌن تي زهريليون مشغوليون يا ڪاروبار نه ڪريو يا اهي اتان گهڻو پري وڃي ڪريو. اها به پڪ ڪريو ته جتي ماڻهو رهن ٿا اتي يا انهن جي ويجهڙ ۾ زهريلا مادا نه ته رکيا، استعمال ڪيا ۽ نه ئي ڪوليا يا واڳا ڪيا وڃن ٿا. اها به ڏسي پڪ ڪندا رهو ته خاص طور تي ابهم، ٻيرسن، اڳها، ڳورهاريون يا ٿڃ ڏيارائيندڙ عورتون زهرن ۾ واڪيون نه ٿيون ٿين.

# لڪل هاڃا ۽ انهن ۾ ڪير ٿو لوڙي

زهريلا مادا پيدا ۽ استعمال ڪندڙ گهڻا ڪارخانا اهو ئي چون ٿا ته، سندن پيداواري شيون بي ضرر ۽ ضروري آهن. پر اصل ۾ ائين ناهي هوندو. جو اهڙيون ڪيتريون شيون ۽ ڪيميائي مادا جن کي ماڻهو ڪنهن وقت ۾ بي ضرر يا آڻاهيڪار ۽ ضروري سمجهندا هيا جهڙوڪ: پي وي سي پلاسٽڪ، شيهي گاڏر پيٽرول يا جيتمار دوائون وغيره تن بابت هاڻ اسانکي خبر پئي آهي ته، اهي گهڻو ڇيهو رسائيندڙ آهن. جڏهن ته، ڪيترن زهريلن ڪيميائي مادن جا بي ضرر نعم البدل به موجود آهن. بشرطيڪ ڪارخانا اهي اختيار ۽ استعمال ڪن.

صنعتي ترقيءَ جا، ماحول کي نقصان رسائيندڙ ۽ ماڻهن لاءِ صحت جا مسئلا پيدا ڪندڙ لڪل هاڃا ٿين ٿا. جن ۾ عام طور تي انهن کي لوڙڻو پوي ٿو جن کي اوس اهڙن زهريلن مادن سان رهڻو پوي ٿو پر نه ڪي ڪارخانن کي، جيڪي اهڙو هاڃو پيدا ڪندڙ آهن. اهڙي ڏنڌي ۾، زهر پکيندڙ سرگرميون بند ڪرڻ به هڪ اهڙو طريقو آهي جنهن سان ڏنڌوڙي پنهنجن ڏنڌن جو بچاءُ ۽ فائدن ۾ واڌارو ڪري سگهن ٿا. عام طور تي انهن جا تمام گهڻا فائدا ٿين ٿا. يقيناً ايترا گهڻا، جو انهن سان سنا ۽ بي ضرر طريقا اختيار ڪري سگهجن ٿا ته ماڻهن جي صحت جو به بچاءُ ڪري سگهجي ٿو.

عام طور تي صنعتي غلاظتن جي بدترين اثرن جو شڪار ٿيندڙ اهي ماڻهو ٿين ٿا جيڪي پورهيتن طور ڪارخانن ۾ ڪم ڪن ٿا. ساڳئي طرح سان ڪارخانن جي آسپاس رهندڙن سميت اهي فرد به ٿين ٿا جيڪي گهٽ غلاظتي هنڌن تي رهي نٿا سگهن. زهرن جي پيدا ٿيندڙ صحت جي ڪيترن مسئلن جو درمان تي نٿو سگهي (ڏسو باب 16). ان لاءِ پلي ته ڪو ڪيترو به مهانگو علاج برداشت ڪري سگهندو هجي جيڪو اسان مان ڪيترا گهڻا برداشت ڪري نٿا سگهن پر تنهن هوندي به صحت کي پهتل اهڙو نقصان دائمي ٿئي ٿو. جڏهن ته انجو اصل اپاءُ، انتهائي خطرناڪ ڪيميائي مادن جو استعمال بند ڪرڻ ٿئي ٿو ۽ جن جو استعمال ڪرڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو ۽ انهن جا نعم البدل موجود ٿي نٿا سگهن، تن جي استعمال تي ڪڙي نظر رکڻ ٿئي ٿي.




### زهريلي پيداوار ۽ گندڪچري جو ڦيرو

جيتوڻيڪ ڪارخانه زهريلا ڪيميائي مادا تيار ڪرڻ، استعمال ڪرڻ ۽ گند ڪچري پيدا ڪرڻ جا ذميوار آهن تنهن هوندي به اسان مان هر هڪ، اهو چاهي ڪنهن ننڍڙي ڳوٺ جو رهواسي هجي يا ڪنهن وڏي شهر جو، عالمي سطح تي اهڙي گندڪچري جي پيداوار ۽ گند سبب متاثر ٿيندو رهي ٿو. پوءِ پلي ته اهي پلاسٽڪ جون ٿيلهيون هجن جيڪي سڄي دنيا جا ماڻهو استعمال ڪندا رهن ٿا (ڏسو ص. 389) يا ڪنهن ڪمپيوٽر، موٽر ڪار يا سيل فون جي تيار ڪرڻ لاءِ ڪيترن مختلف قسمن جا زهريلا وکر ۽ انهن جي پيداوارڻ جا طور طريقا هجن. اسان مان هر هڪ عالمي سطح تي، اهڙي زهريلي پيداوار ڪرڻ ۽ گندڪچري جي ڦيرائيندي رهڻ ۾ شامل آهي.

## اليڪٽرانڪس جون شيون ٺاهڻ ۾ زهريلو گند ڪچرو




ماڻهو زهريلين ڪيميائي مادن ۽ گندڪچري پيدا ٿيڻ جي هر مرحلي سبب متاثر ٿين ٿا. جڏهن ته اهڙي هر مرحلي تي ماڻهو انهن جي هاڃن گهٽائڻ ۽ پاڻ بچائڻ لاءِ ڪم ڪري سگهن ٿا.

## صنعتي غلاظت جا ڪجهه عام ذريعا

**تيل صاف ڪندڙ ڪارخانہ ۽ بجليءَ جا پاور هائوس** هوا، پاڻي ۽ زمين کي زهريلن ڪيميائي مادن ۽ ڳورن ڌاتن رستي غليظ ڪن ٿا. تيل صاف ڪندڙ ڪارخانن لاءِ وڌيڪ ڏسو ص. 513.

**سوڊيندڙ ڪارخانہ** (smelters) پاري ۽ شيهي جهڙا ڳورا ڌاتو (ڏسو ص. 338 ۽ 357) ۽ ڊاءِ آڪسن جهڙا زهريلا وڪر (ڏسو ص. 341) خارج ڪن ٿا.

**ڪارخانہ** پوءِ چاهي کهڙي بہ قسم جا هجن تہ هجن غلاظت پيدا ڪري سگهن ٿا تہ ساڳئي وقت پيداوار جا صاف سٿرا طريقا استعمال ڪري اهي سلامتيءَ وارا ۽ بهتر بہ بڻائي سگهن ٿا (ڏسو ص. 458)

**صنعتي گند ڪچري** کي گدامڻ سان زهريلا مادا سمي زمين ۾ جر جي پاڻيءَ کي غليظ ڪري ڪيترن سالن تائين سنگين مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿا.

**انسينريٽر/ برقي ڀٺيون** زهريلا ڪيميائي مادا هوا، پاڻيءَ ۽ زمين تائين رسائين ٿيون ( ڏسو ص. 423).

**ننڍا ڪارخانہ** جهڙوڪ: چمڙي رڱڻ، ملمعي ڪاري (electroplating)، پوشاڪون ۽ بيٽريون ٺاهيندڙ نہ رڳو اتي ڪم ڪندڙن ۽ آسپاس ۾ رهندڙن لاءِ غلاظت پيدا ڪن ٿا تہ صحت جا سنگين مسئلا بہ پيدا ڪن ٿا. (ڏسو ص. 459 کان 464)

**ملٽري اڏا ۽ جنگي علائقا** تباهہ ڪن غلاظت پيدا ڪن ٿا، جيڪا شعاعن ڪانوٽي ڊاءِ آڪسن جهڙي بہ ٿي سگهي ٿي. جيڪا ڪيترن نسلن تائين برقرار رهي سگهي ٿي.

## هوا جي غلاظت

هوا ۾ زهريليون گئسون ۽ دز/ ڌسڙ (جا جزا) شامل ٿي وڃي ته غليظ ٿي وڃي ٿي. جڏهن ته، هوا جي گھٽي يا گَي غلاظت، **قدرتي ٻارڻ** (تيل، ڪوئلي، ڊيزل ۽ پيٽرول) جي ٻرڻ سبب پيدا ٿئي ٿي. جيڪو اسان انجڻين، ڪارخانن ۽ پاورهائوسن ڪي هلائڻ لاءِ ڪتب آڻيون ٿا (ڏسو ص. 526). هوا ۾ مينهن رستي پيدا ٿيندڙ غلاظت، اصل هنڌ کان ڪوهين دور پهچي اتي، هر هنڌ جي ماڻهن لاءِ صحت جا مسئلا پيدا ڪري ٿي. عام طور تي هوا جي غلاظت شهرن، صنعتي علائقن، هيئاهن هنڌن يا اهڙن چوپاسي جي ماڳن، جابلو هنڌن ۽ وستين ۾ جتي هوا ڦاسي پوي ۽ سٺي طرح سان گھلي نه ٿي سگھي بدتر ٿئي ٿي.

هوا جي غلاظت ۾ ڪيترائي ڳورا ڌاتو جهڙوڪ: پارو ۽ شيهو (ڏسو ص. 337 کان 340 ۽ 368 کان 370)، پائدار نامياتي غلاظتون (ڏسو ص. 340) ۽ ٻيا به ڪيترائي سلفرڊاءِ آڪسائيڊ جهڙا زهريلا مادا شامل ٿي سگھن ٿا.

جيڪڏهن توهان پنهنجي وسنديءَ جي هوائي غلاظت چڪاسي رهيا آهيو ته توهان لاءِ هوا ۾ موجود ڪيميائي وکرن جي جاڻ رکڻ ڪارائتي ٿئي ٿي. اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گھرجي ته عام طور تي وڏيڪ ڪارائتي اها جاڻ رکڻ ٿئي ٿي ته، پاڻ ڪي ۽ پنهنجي وسنديءَ ڪي هوائي غلاظت جي هاڃن کان ڪيئن بچائجي، بنسبت ان جاڻ رکڻ جي ته هوا ۾ ڇا ڇا موجود آهي.

هوا جي غلاظت سبب، صحت جا ڪيترائي سنگين مسئلا پيدا ٿين ٿا. جن ۾ مختلف قسمن جي ڪينسر ۽ ساهه سرشتي جون بيماريون ٿين ٿيون (ڏسو ص. 327 ۽ 331). هوا جي غلاظت سبب تيزابي بارش پيلن، پاڻيءَ جي ذريعن ۽ عمارتن سميت توهان جا ڦقڙ به تباهه ڪري سگھي ٿي. انهن سڀني ڳالهين ڪانسواءِ هوا جي غلاظت عالمي تپش جو به هڪ وڏو ڪارڻ آهي (ڏسو ص. 33).



## هوائي غلاظت جي چڪاس

هوائي غلاظت جي چڪاس دوران ڏنو ويجي ٿو ته، ڪهڙو ڪاروبار يا ڪارخانو غلاظت پيدا ڪري رهيو آهي. چڪاس جي اهڙيءَ مهم ۾ ڪيترائي ماڻهو گڏجي اهڙن ثبوتن جي بنياد تي ڪنهن ڪمپني يا ڪارخاني تي غلاظت بند ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وجهي سگهن ٿا. هوائي غلاظت جي چڪاس جو ڪم توهان پنهنجن حواسن ۽ عقل رستي ڪري سگهو ٿا. اهو ڏسڻ لاءِ ته هوائي غلاظت جو توهانجي وسنديءَ تي ڪهڙو اثر پئجي رهيو آهي، ان لاءِ وسنديءَ جي ماڻهن کي چئو ته هو جيڪي ڪجهه سنگهڻ، ڏسڻ ۽ ٻڌڻ دوران محسوس ڪن ٿا يا ايئن ئي محسوس ڪن ٿا ان جو هڪ رڪارڊ رکن. ايئن وسنديءَ جا جيترا وڌيڪ ماڻهو ڪندا اوترو غلاظت کي وڌيڪ بهتر طور تي سمجهي، سڃاڻي ۽ ان جي روڪ لاءِ اپاءَ وٺي سگهبا.

### بڪيٽ برگيڊ طريقو



ڪي برادريون، هوا جي غلاظت لهڻ لاءِ هڪ آسان ۽ سستو طريقو استعمال ڪن ٿيون جنهن کي "بڪيٽ برگيڊ" (The Bucket Brigade) نالي سان سڏجي ٿو. جنهن لاءِ هڪ 5 گئلن واري پلاسٽڪ جي بالٽي، جنهن ۾ هڪ وال (valve) ۽ مخصوص ڳوٿري ٿئي ٿي، هوا جي نموني گڏ ڪرڻ لاءِ استعمال ڪئي وڃي ٿي. جڏهن به محسوس ڪيو وڃي ٿو ته هوا ۾ ڪو زهريلو مادو خارج ڪيو ويو آهي يا خاص طور تي تڏهن جڏهن محسوس ڪجي ته هوا ۾ غلاظت شامل آهي تڏهن وال کولي، هوا جو ٿورڙو مقدار ڳوٿريءَ ۾ چوسيو وڃي ٿو. پوءِ بالٽيءَ مان ڳوٿري ڪڍي ڪنهن ليبارٽري ڏي موڪلي وڃي ٿي ته جيئن هوا ۾ موجود ڪيميائي وکرن/ جزن جي خبر رکي سگهجي (ڏسو ذريعا).

بڪيٽ برگيڊ طريقي سان، ليبارٽريءَ مان هوا جي چڪاس ڪرائڻ هڪ مهانگو ڪم آهي. ڪيترن ملڪن ۾ اهڙن قسمن جون ليبارٽريون موجود نه ٿيون ٿين يا جيڪڏهن هجن به ٿيون ته اهي صحيح طريقي سان چڪاسي نه ٿيون سگهن. تنهنڪري ممڪن ٿي سگهي ٿو ته هوا جو اهڙو نمونو ڪنهن ٻاهرئين ملڪ موڪلڻو پوي. ڪيتريون وسنديون، بڪيٽ برگيڊ لاءِ در در وڃي، پارٽين رستي يا ميٽنگون ڪوٺائي پئسا گڏ ڪن ٿيون.

جڏهن ته ڪيتريون وسنديون، برادرين پاران منظم ٿيندڙ بين مشغولين جهڙوڪ: انٽرويو ۽ سروي دوران بڪيٽ برگيڊ جو استعمال ڪن ٿيون ته اهڙي زهريلي اخراج جون خبرون ميڊيا ۽ سرڪار کي به ڏين ٿيون ۽ تيل صاف ڪندڙ ڪارخانن ۽ غلاظت پيدا ڪندڙ ڪارخانن تي زور ڀرين ٿيون ته اهي زهريلي اخراج گهٽائڻ لاءِ سلامتيءَ وارا اوزار/ مشينون استعمال ڪن.

## گرائونڊ ورڪ جو بڪيٽ برگيڊ

ڏکڻ آفريڪا جو ڊربن (Durban) شهر، چوگرد تيل صاف ڪندڙ ڪمپنين، پائيپ لائينن، ڪيميائي مادن جي هڪ وڏي گدام، ڪيميائي، ڪپڙي ۽ پني جي ڪارخانن ۽ زهريلي گندڪچري جي ڍيرن ۾ گهيريل آهي. روزانو ڊربن جا شهري، هوا ۽ پاڻيءَ جي غلاظت سميت صحت جي انهن مسئلن سان وڏي پئماني تي منهن ڏيندا ۽ سدائين زهريلن ڪيميائي مادن ۾ وائکا ٿيندا رهن ٿا. صنعتي حادثا، ٽانڪين جو سمڻ، پگهل/سمندڙ پائيپ، باهه لڳڻ، ويجهن ويٽلئنڊن جو تباهه ٿيڻ ۽ جَر جي پاڻيءَ جو غليظ ٿيندو رهڻ تمام عام ڳالهيون آهن.

1999ع ۾ "گرائونڊ وَرڪ" (Ground Work) نالي هڪ تنظيم جوڙي، ڊربن جي وسنديءَ ۾ رهندڙن جي هوائي غلاظت جي چڪاس ڪرڻ شروع ڪئي. بڪيٽ برگيڊ جو طريقو استعمال ڪندي وسنديءَ جي ماڻهن کي جڏهن به ڪٿي باهه جا الا نظر ايندا هيا، ڪو ٽماڪو ٿيندو هو يا زهريلو ڪيميائي مادو خارج ڪيو ويندو هو ته اهي هوا جي چڪاس ڪندا هيا. هوا جي غلاظت جو ٿيلهيون تپاسڻ لاءِ اميريڪا موڪليون وينديون هيون.




تپاسن مان هوا ۾ موجود زهريلين گئسن جهڙوڪ: سلفرڊاءِ آڪسائيڊ، نائٽروجن آڪسائيڊ ۽ بينزين تمام گهٽي مقدار ۾ لڌيون ويون. هڪ اسڪول پرسان گڏ ڪيل هوا جي نمونن مان خبر پيئي ته ٻارڙا، ايتري گهٽيءَ غلاظت ۾ وائکا ٿي رهيا هيا، جڻ ته هو روزانو سڄو سڄو ڏينهن ڪنهن مشغول هاءِ وي تي بيٺا هجن.

تنظيم جي سرگرم ڪارڪنن تپاس جا نتيجا سرڪاري عملدارن ۽ غلاظت ڦهلائيندڙ ڪارخانن جي اختيارين کي ڏيکاريا، رئيڊيو ۽ اخبارن رستي خبرون ٻڌايون ۽ پنهنجيءَ برادريءَ کي به انهن کان آگاهه ڪيو. تيل جي هڪ سرڪاري ڪمپني جواب ڏنو ته، تپاسون صحيح ناهن تنهنڪري هنن هوا جا پنهنجي ليکي نمونا گڏ ڪيا. جڏهن انهن نمونن جي چڪاس ڪئي ويئي ته هوا ۾ زهرن جي اڃان به مٿاهين حد هجڻ جي خبر پيئي!

بڪيٽ برگيڊ واري طريقي سان سڄي ڏکڻ آفريڪا ۾ غلاظت خلاف تحريڪ شروع ڪرڻ ۾ مدد ملي. ماحولياتي انصاف لاءِ هلندڙ تحريڪ جي وڌندڙ دٻاءَ سبب سرڪار کي 2004ع ۾ ايئرڪوائلٽي ائڪٽ/ هوا جي معيار جو قانون پاس ڪرڻو پيو. ڊربن شهر پڻ پنهنجو هڪ هوا تپاسڻ جو سرشتو جوڙيو. ان وقت کان وٺي هاڻ اتي هوا جي غلاظت ۾ واضح گهٽتائي آئي آهي.

بڪيٽ برگيڊ، برادرين کي وڌيڪ همٿايو دلير بڻايو ۽ غلاظت ڦهلائيندڙ ڪارخانن کي للڪارڻ لاءِ وڌيڪ قابل بڻائي ڇڏيو. ائين وڌندڙ اعتماد ۽ ويساهه سبب سرڪار سندن ڳالهه ٻڌڻ لاءِ مجبور ٿي پيئي.

جڏهن ته ڏکڻ آفريڪا ۾ غلاظت اڃان به هڪ سنگين مسئلو آهي. ڇو ته، جيئن جيئن ڪيميائي ڪارخانا، تيل صاف ڪندڙ مشينون ۽ پائيپ لائينون پراڻيون ٿينديون پيون وڃن تيئن تيئن حادثن جو خطرو وڌندو پيو وڃي. پر برادرين جي سگهارين تنظيمن وٽ، زهريلين غلاظتن جي نمونن گڏ ڪرڻ جا اوزار هجڻ سبب، ڊربن جي ماڻهن پاڻ کي گهڻو محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. ايئن هنن باقي سڄي ملڪ ۽ دنيا جي ماڻهن کي ڪري ڏيکاريو آهي ته ماڻهو مڙي مٽ ٿي ڪارخانن ۽ سرڪار کي غلاظت جي ذميواري قبولڻ تي مجبور ڪري سگهن ٿا.

## جڏهن ڪو زهريلو مادو خارج ٿيندو رهي

ڪيميائي ۽ تيل صاف ڪندڙ ڪارخانن سميت ٻين ڪيترن ڪارخانن جي حادثن سبب تمام وڏي مقدار ۾ زهريلا ڪيميائي مادا اوچتو خارج ٿين ٿا. تيل صاف ڪرڻ جا ڪارخانہ پڻ پنهنجيون مشينون روان دوان رکڻ لاءِ زهريليون گئسون خارج ڪن ٿا. اهڙو زهريلو اخراج دونهين جي ڪڪر يا باهہ جي الن جي صورت ۾ بہ ٿي سگهي ٿو تہ اها اوچتو پيدا ٿيندڙ تيز بوءِ بہ ٿي سگهي ٿي. اهڙي حالت ڪنبائيندڙ تہ موتمار بہ ٿي سگهي ٿي.

زهريلي اخراج ۽ ڪيميائي مادن جي وهڻ دوران يا وهڻ کان ترت پوءِ ماڻهو اهڙا قدم کڻي انهن جي هاڃن کي مختصر عرصي ۾ گهٽائي سگهن ٿا (ڏسو ضميمو A). جڏهن تہ ڊگهي عرصي لاءِ برادريون منظم ٿي ڪارخانن ۽ سرڪار تي سٺي سلامتيءَ جا اُپاءَ وٺڻ لاءِ دٻاءُ وجهي سگهن ٿيون.

### زهريلي اخراج دوران

- صورتحال مطابق تہ توهان ڪيترو ترت ان کي منهن ڏئي سگهو ٿا، ورلي چوديواريءَ اندر ئي رهڻ سلامتيءَ وارو سمجهيو وڃي ٿو. جڏهن تہ ٻين قسمن جي صورتحال ۾ جيترو جلد ٿي سگهي اهڙو هنڌ/ علائقو ڇڏڻ گهرجي. سکيا ۽ برادريءَ جي سٺي هنگامي رٿائن سان اهي ڳالهيون سمجهڻ جوڳيون ٿي پون ٿيون تہ ڪڏهن اهڙا هنڌ ڇڏڻ گهرجن ۽ ڪڏهن نہ.
- اهڙو رڪارڊ بہ رکو. جنهن ۾ جنهن ڏينهن اخراج ٿيو ۽ اهو جيستائين هلندو رهيو اهو لکندا رهو. ساڳيءَ طرح سان ڪنهن بہ قسم جي عجيب بوءِ، منظر، آواز، طبعي ردعمل (توهانجي جسم جو پيدا ٿيندڙ احساس)، آسپاس ۾ موجود ٻين ماڻهن ۽ جانورن جو ردعمل بہ نوٽ ڪندا رهو. اهڙي معلومات اڳتي هلي برادريءَ پاران ڪنيل ڪنهن بہ قدم ۾ ڪارائتي ثابت ٿي سگهي ٿي.
- جيڪڏهن بنا خوف خطري جي فوٽو ڪڍي ۽ وڊيو ٺاهي سگهجي ٿي تہ ائين بہ ڪريو جيڪا اهي اڳتي هلي ثبوت طور ڪورٽ ۾ پيش ڪري يا مهم هلائڻ لاءِ استعمال ڪري سگهو ٿا.

### زهريلي اخراج کانپوءِ

- جيڪڏهن ماڻهو ڪيميائي مادن ۾ وائڪا ٿيا آهن يا انهن سان لاڳاپي ۾ اچي چڪا آهن تن کي هڪدم ڪنهن ڪلينڪ يا اسپتال پهچائڻ ۾ مدد ڪريو.
- مقامي سرڪار ۽ ميڊيا سان لاڳاپي ۾ اچي کين ٻڌايو تہ ڪهڙي ماجرا ٿي آهي.
- برادريءَ جي گڏجاڻي ڪري هرهڪ کي اهڙيءَ ڳالهہ کان آگاهہ ڪريو ۽ منظم ٿي ان جو جواب ڏيو.
- برادريءَ کي همٿايو تہ هر هڪ پنهنجا تجربا ۽ احساس ٻڌائي. ائين ڪرڻ سان ماڻهو اهڙيءَ ماجرا مان پاڻيرا ٿيندا ۽ برادريءَ سان يڪجهتي پيدا ٿيندي.

| اڱارو | اربع | خميس |
|---|---|---|
| 14 | 15<br>ٻنپهرن جو 2.25<br>ڪارخاني مان تمام گهڻو دونهون خارج ٿيو ۽ ڪنن اندبن جهڙي بوءِ پيدا ٿي. | 16 |
| 21 | 22 | 23 |

ڪنهن ڪئلينڊر تي سڌو سنئون اهڙيون ڳالهيون لکندو رهڻ، زهريلي اخراج جي رڪارڊ رکڻ جو هڪ سنو طريقو آهي.

# صاف پيداوار

اهڙا ڪيترائي طريقا ۽ ٽيڪنالاجيون موجود آهن جن رستي غلاظت پيدا ڪرڻ کانسواءِ شيون ٺاهي ۽ وڪرو ڪري سگهجن ٿيون. شين جي صاف پيداوار سان نہ رڳو ماڻهن جي صحت ته ماحول جي صحت جو بہ بچاءُ ٿئي ٿو.

**هڪ پني ٺاهڻ جي ڪارخاني ۾ ڪيئن نہ صاف طريقا استعمال ڪيا وڃن ٿا**




پني جي ڪارخاني ۾ وڻ، پاڻي، بجلي ۽ ڪيميائي مادا جهڙوڪ: ڪلورين استعمال ڪيا وڃن ٿا.
پني ٺاهيندڙ گهٽ غلاظت ڪندڙ ڪارخاني ۾ هيٺين سببن ڪري گهٽ غلاظت پيدا ٿئي ٿي:

- گهڻو ريسائيڪل ٿيندڙ پنو ۽ وڻ، پائدار طريقي سان ٿيندڙ ٻيلن مان حاصل ڪيا وڃن ٿا.
- بجليءَ جهڙي توانائيءَ بجاءِ، جيڪا قدرتي ٻارڻ ۽ تيل رستي حاصل ٿئي ٿي نواٽجندڙ توانائي (جهڙوڪ: شمسي ۽ هوائي) استعمال ڪئي وڃي ٿي.
- پاڻيءَ جو گهٽ ۾ گهٽ مقدار استعمال ڪيو وڃي ٿو. بار بار استعمال ڪيو. صاف ڪري ماحول ۾ واپس ڪيو وڃي ٿو.

ائين ڪيترا ڪارخانا صاف سٿرن طريقن سان شيون ٺاهي سگهن ٿا. ڪارخانن جي پيدا ٿيندڙ گرميءَ رستي بجلي پيدا ڪري سگهجي ٿي تہ هڪ عمل مان گذرڻ دوران پيدا ٿيندڙ گندڪچرو عام طور تي ٻين شين ٺاهڻ لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. صاف سٿري طريقي سان شيون ٺاهڻ سان جهڙوڪر غلاظت نہ جهڙي پيدا ٿئي ٿي. جيئن تہ اهڙن طريقن ۾ ساڳيو مواد ۽ توانائي ٻيهر استعمال ٿيندي رهي ٿي ان سبب پئسو بہ بچي ٿو.
جيئن عام طور تي تہ ڪمپنيون غلاظت جي صفائيءَ تي خرچ نہ ٿيون ڪن ۽ نہ غلاظت روڪڻ لاءِ ڪوششون ڪن ٿيون پر رهندو هاڃو رسائين ٿيون تنهنڪري ضروري سمجهيو وڃي ٿو تہ عوامي دٻاءَ رستي يا سرڪاري قاعدن قانونن تحت ڪين صاف سٿرن طريقن سان شين ٺاهڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي.

## صاف سٿرن ڪاروبارن کي همٿائڻ

جڏهن ڪاروباري سيٺيا ۽ پورهيت سمجهن ته ڪيئن نه ڪيميائي مادا ۽ صنعتي ڪچرو کين ته سڄيءَ برادريءَ کي به متاثر ڪري سگهي ٿو تڏهن اهي عام طور تي شين ٺاهڻ لاءِ ڪتب ايندڙ مواد ۽ طريقن ۾ تبديليون آڻي ڇيهي کي گهٽائين ٿا. جڏهن ته ورلي ڪين, لٺ ۽ چٽ رستي دٻاءَ وجهڻ به ضروري ٿئي ٿو ته جيئن اهڙيون تبديليون آڻي سگهجن جيڪي برادريءَ جي صحت لاءِ بهتر ثابت ٿين ٿيون. اهڙا ڪيترا طريقا آهن جن رستي ڪنهن ڪاروباري اداري کي شين ٺاهڻ جي صاف سٿرن طريقن جي چونڊ ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري سگهجي ٿو.

**حڪومت چاهي ته:** زهريلن ڪيميائي مادن ۽ شين ٺاهڻ جي خطرناڪ طريقن تي بندش هڻي يا انهن تي اک رکي سگهي ٿي, هاڃيڪار طريقن رستي ٺهندڙ شين خريد ڪرڻ کان انڪار ڪري سگهي ٿي, اهڙي ڪاروبار لاءِ صاف سٿرن طريقن سان شين ٺاهڻ لاءِ فنڊ ڏئي سگهي ٿي, صاف سٿرن طريقن سان شيون ٺاهيندڙ تي گهٽ ٽئڪس هڻي ۽ جيڪي هاڃيڪار طريقا استعمال ڪن ٿا تن کان وڌيڪ ٽيڪس حاصل ڪري سگهي ٿي.

**ماڻهو چاهين ته:** پنهنجو پاڻ کي ڪاروباري سيٺين ۽ ڪم ڪندڙن کي زهريلن مادن جي خطرن ۽ شين ٺاهڻ جي صاف سٿرن طريقن استعمال ڪرڻ جي فائدن بابت تعليم ڏئي سگهن ٿا, ان ڪمپنيءَ جون غلاظت پيدا ڪندڙ شيون وٺڻ ۽ استعمال ڪرڻ کان بائيڪاٽ ڪري سگهن ٿا, ڪين اهڙن بي ضرر نعم البدلن بابت آگاهه ڪري سگهن ٿا جيڪي زهريلن شين جي ٺاهڻ لاءِ استعمال ڪيا وڃن ٿا ۽ ميڊيا رستي زهريلن طريقن جي استعمال کي ننديءَ ۽ شين ٺاهڻ جي غير زهريلن پائدار طريقن کي ساراهي سگهن ٿا.




**پورهيت چاهين ته:** زهريلن ڪيميائي مادن بابت گهڻو ڪجهه سکي/ ڄاڻ حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ انهن جي ڪٽڻ ڪرڻ جي احتياطن تي پاڻ عمل ڪرڻ سميت اهي قائدا نافذ ڪري ۽ پورهيتن ۽ برادرين لاءِ پنهنجيءَ يونين جي معاهدن ۾ سلامتيءَ لاءِ درج به ڪرائي سگهن ٿا.

### ننڍڙا ۽ صاف سٿرا ڪاروبار

ورلي, ننڍا ڪاروباري مالڪ چڱيءَ پر سمجهي نه سگهندا آهن ته ڪيميائي زهريلا مادا ڪيترا نه خطرناڪ ٿي سگهن ٿا. جڏهن اهي ۽ سندن پورهيت زهريلن مادن جو استعمال, ذخيرو ۽ غير محفوظ طريقن سان اڪلاءُ ڪن ٿا تڏهن اهي عام طور تي رڳو پئسي, وقت ۽ خرچ بچائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جڏهن ته, اهڙا ڪيترائي ڪاروباري ماڻهو انهن ساڳين وسندين جا رهواسي ٿين ٿا, جن کي هو غليظ ڪندا رهن ٿا جيڪي متاثر ٿيندڙ ماڻهن جا دوست ۽ پاڙيسري هجن ٿا. اهو به ممڪن ٿي سگهي ٿو ته کين صاف سٿرن طريقن سان شين ٺاهڻ جي ڄاڻ هجي پر سمجهن ٿا ته هو اهڙي تبديليءَ جو خرچ برداشت ڪري نه سگهندا. جڏهن ته وقت گذرڻ سان گڏ, متاثر ٿيل پورهيتن جي صحت ۽ برادريءَ جي ماحول کي رسيل نقصان جي تلافيءَ تي ايندڙ خرچ عام طور تي وقت ۽ پئسي جي لحاظ کان وڌيڪ اچي ٿو بنسبت ان جي بچاءَ ڪرڻ جي.

جڏهن ننڍڙا ڪاروباري, شين ٺاهڻ لاءِ صاف سٿرا طريقا اختيار ڪن ٿا تڏهن اهي سڄي وسنديءَ ۽ پنهنجي ڪاروبار جي آئندي کي ڄڻ ته وڌيڪ پائدار ڪري ڇڏين ٿا.

## رڱڻ

رڱڻ (dyeing) لاءِ ڪيترن قسمن جا رنگ، ڳورن ڌاتن ۽ زهريلن ڪيميائي مادن مان ٺاهيا وڃن ٿا. رنگن ٺاهڻ ڪانپوءِ پيدا ٿيندڙ غلاظت عام طور تي وهائي يا اڇڙيءَ غلاظت سان گڏ پوري وڃي ٿي جيڪا خطرناڪ ٿئي ٿي ۽ صاف ڪري نٿي سگهجي.

### غلاظت ڪيئن گهٽائجي

ننڍي پئماني تي هلندڙ رڱڻ جي ڪارخانن ۾ هيٺين هدايتن تي عمل ڪرڻ سان هاڃيڪار گند غلاظت گهٽائي سگهجي ٿي:

- ڪوشش ڪري وڌ ۾ وڌ زهريلن رنگن جهڙوڪ ائزو (azo) جي استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪجي ۽ انهن جا بي ضرر نعم البدل ڪتب آڻجن. ائزو رنگ، ڄائي ڄم جا نقص پيدا ڪن ٿا ۽ اهي عام طور تي ڇپائي، ڪپڙي، پني ٺاهڻ، دوائن ۽ ڪاٺي جي صنعتن ۾ استعمال ڪيا وڃن ٿا.
- زهريلن مادن جو گهٽ ۾ گهٽ مقدار استعمال ڪجي
- رڱجڻ جي پيدا ٿيندڙ ڦوڳ/ باقيات کي ٻين شين ٺاهڻ لاءِ استعمال ڪجي
- صفائي لاءِ استعمال ٿيندڙ پاڻي ٻيهر استعمال ڪري رنگ جي ٻي کيپ ٺاهجي
- صفائيءَ ڪرڻ لاءِ وڏي پريشر وارا پائيپ استعمال ڪجن ته جيئن گهٽ گندو پاڻي پيدا ٿي سگهي
- زهريلن مادن تي نالا لکي، پاڻيءَ جي ذريعن/ وهڪرن کان پري محفوظ هنڌن تي رکجن

## چمڙي رڱڻ جا ڪارخانا

چمڙي رڱڻ جي ڪارخانن ۾ پاڻي سان گڏ تمام جهجهي مقدار ۾ لوڻن ۽ زهريلن ڪيميائي مادن جهڙوڪ: ڪروميم جي مختلف قسمن جو استعمال ڪيو وڃي ٿو. رڱڻ جي آخر ۾ استعمال ٿيندڙ اهي سڀ ڪيميائي مادا عام طور تي ندين ۽ واهڙن ۾ وهايا وڃن ٿا. نتيجي ۾ آسپاس ۾ رهندڙ وسنديون انتهائي گندو پاڻي پيئڻ ٿيون.

ٿورڙي وقت ۾ اهڙن زهريلن مادن سبب برنڪائيٽس (ساهه نليءَ) ۽ سهڪي سميت ساهه جون ٻيون بيماريون ۽ ڪجھ وقت ڪانپوءِ ڄائي ڄم جا نقص ۽ مختلف قسمن جي ڪينسر ٿي سگهي ٿي.

### غلاظت ڪيئن گهٽائجي

چمڙي رڱڻ جي ڪن ڪارخانن ۾ بي ضرر يا گهٽ زهريلا طريقا استعمال ڪيا وڃن ٿا. رڱڻ جي رسمي طريقن ۾، جانورن جي عضون جهڙا اهاڃيڪار ۽ صاف سٿرا طريقا استعمال ڪيا وڃن ٿا. چمڙي رڱڻ لاءِ ڪروميم استعمال ڪندڙ ڪارخانا، اهڙا طريقا ڪتب آڻي سگهن ٿا جن رستي ڪروميم ريسائيڪل ڪري گهٽ ۾ گهٽ استعمال ڪئي وڃي ٿي ته جيئن گهٽ غلاظت پيدا ٿي سگهي. هن طريقي سان خرچ گهٽ اچي ٿو ته غلاظت به گهٽ پيدا ٿئي ٿي. چمڙي رڱڻ جي ڏوپ ۾ ڪم ايندڙ پاڻي ريسائيڪل ڪري ته غليظ پاڻي کي ضايع ڪرڻ کان اڳ ۾ صاف ڪري سگهجي ٿو.



## چمڙي رڱڻ جي ڪارخانن ۾ صاف سٿريون شيون ٺاهڻ

ميڪسيڪو جو شهر لِيون (Leon)، چمڙي جي اعليٰ قسم جي بوٽن ٺاهڻ سبب مشهور آهي. جيتوڻيڪ اتي چمڙي رڱڻ جا ڪارخانا ننڍا پر آباديءَ جي معاشي خوشحالي لاءِ اهم آهن. بدقسمتيءَ سان ڪلال/ چمڙو رڱيندڙ پيدا ٿيندڙ گندڪچرو سنئون سڌو پاڻيءَ ۾ وهائي ڇڏيندا هيا، جنهن سبب سنگين بيماريون پيدا ٿينديون هيون.

پر جڏهن لِيون ويجهو هڪ ويٽلئنڊ تي غلاظت سبب هزارين پکي مري ويا ته مقامي واپاري تنظيم جيڪا ڪلالن جي نمائندگي ڪندڙ هئي غلاظت گھٽائڻ جي اهڙي طريقن ڳولهڻ ۾ متعارف ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي جن سان سندن ڪاروبار متاثر ٿي نه سگهي. ان ڪانپوءِ ڪين صاف سٿرن طريقن رستي شين پيدا ڪرڻ جو احساس ٿيو.

ان ڪانپوءِ ڪيترن سالن تائين اها واپاري تنظيم، غلاظت گھٽائڻ لاءِ ڪلالن جي مدد ڪندي رهي ۽ ڪيترن ڪلالن پنهنجا طريقا تبديل ڪري ڇڏيا. هنن ايئن رڱو پيئڻ جو پاڻي بچائڻ يا لاڏائو پڪين بچائڻ لاءِ نه ڪيو پر ان سبب پڻ ڪيو جو هنن ڏٺو ته صاف سٿرن طريقن سان شيون ٺاهڻ سان هو پئسو بچائي ۽ اعليٰ معيار جو چمڙو تيار ڪري سگهن ٿا.

آفريڪا ۽ ايشيا جي ڪلالن، اقوامِ متحده جي صنعتي ترقياتي اداري/ يونيڊو (UNIDO) سان گڏجي ڪلالڪي ڪم ۾ ڪتب ايندڙ ڪيميائي مادا گڏ ڪرڻ ۽ وري استعمال ڪرڻ جي مختلف طريقن ڳولهڻ تي ڪم ڪيو. يونيڊو جي صاف سٿرين شين جي پيدا ڪرڻ جي هن رٿا مان ظاهر ٿيو ته، ڪلالڪي ڪم سبب پيدا ٿيندڙ ٽاڪ مٽي غلاظت کي، قدرتي وسيلن جو ڏيان ۽ ڪاريگريءَ سان استعمال ڪرڻ رستي گھٽائي سگهجي ٿو. يعني ته گهٽ مقدار ۾ ۽ خبرداريءَ سان ڪتب آڻڻ رستي.

لِيون جي ڪلالن، يونيڊو جي رٿا مان گھڻو ڪجهه سکيو ۽ صاف سٿرن طريقن سان شيون ٺاهڻ شروع ڪيون. ان لاءِ هنن اڳ ۾ هڪ نئون طريقو استعمال ڪيو جنهن سان وڏيڪ ڪروميم چمڙي سان لاڳاپي ۾ آيو ٿي ۽ ان جي گهٽ ۾ گهٽ غلاظت پيدا ٿِي ٿي. ان ڪانپوءِ هاڃيڪار ڪيميائي مادن بجاءِ، رڱيندڙ ٽب ۾ چمڙي کي نرم ڪرڻ لاءِ هڪ انزائيم (هڪ اهڙو قدرتي وکر جيڪو ڪيميائي تبديليون پيدا ڪري ٿو) استعمال ڪئي ويئي. اهڙن ڪن ڪلال خانن ۾ جتي گهٽ معياري چمڙو ٺاهيو ٿي ويو اتي نباتاتي رڱڻ جو طريقو استعمال ڪيو ويو بجاءِ ڪروميم جي جيڪو رڱڻ جو هڪ تمام زهريلو ۽ مهانگو وکر آهي.

جن ڪلالن وٽ، ڪروميم جو ڪو نعم البدل موجود ٿي نٿي سگهيو تن اهو پهرئين دفعي جي استعمال ڪرڻ ڪانپوءِ اڇلائڻ بجاءِ ٻيهر استعمال ڪيو. ساڳيو طريقو ڪيميائي مادن سان پريل پاڻيءَ جي وڏي مقدار لاءِ پڻ استعمال ڪيو ويو. ڪن ڪلالن ته گندي پاڻيءَ کي صاف ڪرڻ جو نظام جوڙي اهڙي پاڻيءَ کي صاف ڪري ٻيهر استعمال ڪرڻ شروع ڪيو جنهن سان پاڻيءَ جي ذريعن جو بچاءُ پڻ ٿي سگهيو.

هاڻ، لِيون جي ڪلالن کي، صاف سٿرن طريقن سان چمڙي رڱڻ جا طريقا اچي ويا آهن. جي ڪانئن پڇندو ته اهي نوان طريقا ڇو ٿا استعمال ڪن ته هو توهانکي اهوئي جواب ڏيندا ته جيئن پاڻيءَ جو بچاءُ ڪري سگهجي. ساڳئي وقت هو اڳ جي ڀيٽ ۾ هاڻ ٿوري خرچ سان اعليٰ قسم جو چمڙو پڻ تيار ڪري رهيا آهن.

## صاف سٿري پيداوار جو مزو

امريڪا جي سان فرانسسڪو شهر جي ٽڪرين تان ڏسڻ ۾ ايندڙ دلڪش منظر سڄيءَ دنيا جي سياحن کي موهت ڪندا رهن ٿا. اتي موجود نندا ريسٽورانٽ قسمين قسمين کاڌا کارائين ٿا. جڏهن ته ايترن گهڻن ريسٽورانٽن جي رڌپچاءَ سبب پيدا ٿيندڙ گندي تيل هڪ اهڙو مسئلو پيدا ڪري وڌو جنهن سبب ڪسيون بند ٿي وينديون هيون ۽ شهر جي صفائيءَ تي گهڻو پئسو خرچ ڪرڻو پوندو هو. شهر جي قاعدن موجب سيني ريسٽورانٽن کي گِريس ٽرئپ (grease trap) استعمال ڪرڻي هئي ته جيئن تيل، ڪسين ۾ وڃي نه سگهي. پر جيئن ته اهڙا گريس ٽرئپ صاف ڪرڻ مهانگا ٿي پيا تنهنڪري ڪيترا نندا ريسٽورانٽ، جن جا مالڪ پناهگير هيا، ايترو خرچ برداشت ڪري نٿي سگهيا.

سان فرانسسڪو جي پبلڪ يوٽيلائيزيشن ڪميشن جي، شهر جي ڪسين جي انچارج فيصلو ڪيو ته صحيح طريقي سان تيل نه اڪلائڻ تي ريسٽورانٽن تي وڏا وڏا ڏنڊ هڻڻ بجاءِ هو ان جو ڪين اپاءِ ٻڌائيندا ۽ گندو تيل گڏ ڪري ان رستي شهر جون بسون هلائيندا!

جڏهن ڊيزل انجڻيون متعارف ڪرايون ويون هيون ته اهي نباتاتي تيل تي هلنديون هيون. جيئن ته پيٽرول سستو ۽ جام هوندو هيو يا ان جو ڪاروبار ڪندڙ ڪمپنيون طاقتور هونديون هيون ان سبب گهڻين ڊيزل انجڻين پيٽرول استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. پر هاڻ، غلاظت جي سنگين مسئلي ۽ عالمي تپش، جنهن جو ڪارڻ پيٽرول جو استعمال آهي هڪ دفعو وري نباتاتي تيل استعمال ڪرڻ شروع ڪيو آهي. جو اهو صاف سٿرو ته سستو به آهي.

ڊيزل انجڻ ۾ ڪجھ تبديليون آڻي، نباتاتي تيل استعمال ڪري سگهجي ٿو يا اهڙي تيل کي "بايوڊيزل" (biodiesel) ۾ مٽائي سنئون سڌو گاڏين ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو. بايوڊيزل جي سنئين سڌي استعمال ڪرڻ سان هوائي غلاظت گهٽجي ٿي جيڪا دم/ سهڪي ۽ ڪينسر جو ڪارڻ ٿئي ٿي ۽ عالمي تپش پيدا نٿي ڪري ته ٻين قسمن جي ٻارڻ جهڙوڪ قدرتي گئس جي ڀيٽ ۾ سستي پڻ ٿئي ٿي.

گندي تيل مان ريسائيڪل ڪري ناهيل بايوفيول ان تيل کان مختلف ٿئي ٿو جيڪو نوان فصل پوکي تيار ڪيو وڃي ٿو جوان جي غلاظت ڪسين ۾ وهائڻ بجاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿي. اهڙي صاف سٿري پيداوار جي استعمال ۾ آڻڻ لاءِ سان فرانسسڪو جي پبلڪ يوٽيليٽيز ڪميشن، اتان جي مختلف ٻولين ڳالهائيندڙن ترجمانن جون خدمتون حاصل ڪري ريسٽورانٽ گهمي ڏٺا ۽ گندو تيل گڏ ڪيو. ريسٽورانٽن جي مالڪن کي پنهنجي تيل جي اڪلائڻ تي هاڻ پئسو خرچ ڪرڻو نٿو پوي، شهر ۾ ورلي کي ڪسيون بند ٿين ٿيون ۽ ڪين بسون هلائڻ لاءِ سستو ٻارڻ به حاصل ٿئي ٿو.




هاڻ سان فرانسسڪو جي روڊن رستن تي ٽرئفڪ جي ڌپ بجاءِ رڌل کاڌي جي خوشبوءِ اچي ٿي جنهن سان اڳي کان وڌيڪ سياح ريسٽورانٽن ۾ اچن ٿا.

# زهريلين غلاظتن جي اڪلاڻ جا هاڃيڪار طريقا

جيڪي ڪمپنيون شين ٺاهڻ جا صاف سٿرا طريقا استعمال نہ ٿيون ڪن اهي عام طور تي گهڻيون زهريليون غلاظتون پيدا ڪن ٿيون ڪيترن ڪارخانن جهڙوڪ: ڪيميائي صنعتون، ڪاٺيون ڪوٽيندڙ ۽ تيل جي صنعتن جو زهريلو ڪچرو هڪ وڏي پيداوار ٿي سگهي ٿي!

جيئن تہ اهڙيون زهريليون غلاظتون انتهائي مهانگيون ٿين ٿيون ۽ انهن جو سلامتيءَ واري طريقي سان اڪلاءُ ڪرڻ ڏکيو ٿي سگهي ٿو تہ ڪري غلاظتن کي خطرناڪ طريقي سان اڇلائڻ هڪ عام ڳالهہ آهي ۽ ان ۾ بہ حيران ٿيڻ جي ڳالهہ ناهي تہ گندغلاظت جو هڪ اهڙو ڍير عام طور تي غريب وسندين جي صحت جي مسئلن ۾ مبتلا رهندڙ ماڻهن لاءِ بيماريون پيدا ڪرڻ جو هڪ ذريعو ٿئي ٿو.

هاڻ، وڏ ڪان وڏ ڪاروبارين کي منظم ڪري انهن جي سڄي گندي غلاظت يا ان جي ڪجهہ حصي کي ريسائيڪل ڪري منجهانئس زهريلا مادا خارج ڪيا وڃن ٿا. جڏهن تہ اهڙيون ماحول ـ دوست سرگرميون جهڙوڪ: ريسائيڪلنگ بہ خبرداريءَ سان ڪرڻ گهرجي تہ جيئن زهريلي مواد سبب پورهيتن ۽ ماحول کي ڇيهو رسي نہ سگهي.

اها پڪ ڪرڻ تہ صنعتون ۽ ڪارخانا غلاظتن جو ذميواريءَ سان اڪلاءُ ڪن ٿا، ان حل جو بہ رڳو هڪ حصو آهي. جڏهن تہ حقيقت ۾ زهريلي غلاظت جي مسئلي کي ختم ڪرڻ لاءِ اسانکي اوس ڪارخانن/صنعتن جي طريقن ۾ تبديلي آڻڻي پوندي، جنهن جو هڪ سلامتيءَ وارو اهو ئي طريقو آهي تہ شروعات ۾ ئي اهڙي غلاظت پيدا نہ ڪجي.

### آفريڪي اسٽاڪ پائيل پراجيڪٽ

دنيا جي وڏين وڏين ڪمپنين ۽ ترقياتي ادارن، ڪيترن ڏهاڪن کانوٺي آبادگارن ۾ جيتمار دوائن جي استعمال ڪرڻ جو جنون پئي پيدا ڪيو آهي تہ جيئن، بک جو ڪنهن حد تائين اپاءُ وٺي سگهجي. جڏهن تہ هاڻ، ڪيترن ئي سائنسدانن ۽ آبادگارن تسليم ڪيو آهي تہ، پيسٽيسائيڊون مسئلا حل ڪرڻ بجاءِ وڌيڪ پيدا ڪن ٿيون تہ پوءِ اهڙيون موتمار ڪيميائي دوائون ڪير اڪلائيندو؟ ۽ ايئن ڪهڙي سٺي طريقي سان ڪري سگهبو؟

آفريڪا جي مڙني ملڪن ۾ 50,000 ٽنن کان مٿي اهڙيون پيسٽيسائيڊون ۽ زهريلو گند، سمنڊ ڳرندڙ دٻن ۾ موجود آهي جن جو اجان تائين استعمال بہ نہ ڪيو ويو آهي. اهڙن زهريلن مادن جي صفائيءَ ۽ وڌيڪ زهريلن مادن کي ڍيرن جي صورت ۾ نڌڻڪو نہ اڇلائڻ کان بچائڻ لاءِ سرڪاري ۽ عالمي ادارن گڏجي، آفريڪن اسٽاڪ پائيلس/ اي ايس پي پروگرام (ASP) جوڙيو آهي.

اي ايس پي ۾ موجود مختلف ڏڙن جي ماڻهن وٽ، گند غلاظت صاف ڪرڻ جا مختلف ويچار آهن. ڪن جو چوڻ آهي تہ ان جو سستو ۽ سولو طريقو ان کي ساڙي ڇڏڻ آهي، جنهن لاءِ عالمي بئنڪ ۽ ڪيترين رياستن، برقي ڀٺيون ٺاهي رهيون آهن. ٻين ڏڙن جو چوڻ آهي تہ انهن جي ساڙڻ سان هوا ۽ پاڻيءَ ۾ وڌيڪ زهريلا مادا خارج ٿيندا ۽ ان بجاءِ وڌيڪ سلامتيءَ وارا طريقا ڏسين ٿا. جڏهن تہ حقيقت ۾ اجان تائين هڙني ڪيميائي مادن کي ضايع ڪرڻ جو ڪو بہ سلامتيءَ وارو طريقو موجود ناهي. اهڙا سلامتيءَ وارا طريقا ساڙڻ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مهانگا ۽ گهلاڻٽا هوندا.



جيتوڻيڪ اي ايس پي هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي تنهن هوندي بہ زهريلا مادا، هوا ۽ جَر جي پاڻيءَ سان ملي رهيا آهن. اهي زهريلا مادا ۽ انهن سبب پيدا ٿيندڙ بيماريون ۽ ترقياتي ادارا، انهن هاڃيڪار عطين جو هڪ حصو آهن جيڪي انهن تيار ڪيا آهن ۽ انهن جي استعمال ڪرڻ کي فروغ ڏنو آهي.

## بئٽريون ريسائيڪل ڪرڻ

موٽرگاڏين ۾ استعمال ٿيندڙ عام شيهي ۽ تيزاب واريون بئٽريون ريسائيڪل ڪري منجهائن موجود ڌاتو ڪڍيا وڃن ٿا. گهڻن هنڌن تي اهڙو ڪم منظم صنعتي طريقن بجاءِ گهرن ۽ دڪانن تي غيرسائنسي طريقن سان ڪيو وڃي ٿو. ايئن بئٽري جي ريسائيڪل ڪرڻ سان شيهي جي سنگين غلاظت پئدا ٿئي ٿي ۽ صحت ۽ ماحول کي ڇيهو پهچي ٿو. مختصر عرصي دوران شيهي جي وڏي مقدار ۾ واڪي ٿيڻ سان الٽيون، دست، ڳڀڙيون (جهٽڪا)، سڪتو پيدا ٿئي ٿو ته ماڻهو مري به سگهي ٿو (ڏسو ص. 368 کان 370).

ڪيترن هنڌن تي ننڍيون بئٽريون کولي منجهائن ڪارو پائوڊر ڪڍي رنگن، رڱڻ، مس ۽ هارسينگار جي شين ٺاهڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو جيڪو گهڻو خطرناڪ ٿئي ٿو جو ڪئڊميم، شيهي، جست، پاري ۽ ٻين ڳورن ڌاتن جو ٺهيل ٿئي ٿو. اهڙي پائوڊر کي دستانن ۽ مکوٽن يا ماسڪ کانسواءِ هٿ نه لائڻ گهرجي، سلامتيءَ واري طريقي سان اڪلائڻ گهرجي ۽ ڪڏهن به ٻيهر استعمال نه ڪرڻ گهرجي.

### هاڃو گهٽائڻ

بئٽرين ۾ موجود زهريلن مادن سان واڪي ٿيڻ جي خطرن کي گهٽائڻ لاءِ بئٽريون ٺاهيندڙن کي، استعمال ٿيل بئٽريون گڏ ڪري پڪ ڪرڻ گهرجي ته اهي صحيح ۽ سلامتيءَ وارن طريقن سان ريسائيڪل ڪيون وڃن ٿيون. ڪيترن ملڪن ۾ بئٽرين جي سلامتي وارن طريقن سان ريسائيڪل ڪرڻ جا قانون مروج آهن.

## اليڪٽرانڪس جي ري سائيڪلنگ

ڪمپيوٽر، ٽي وي، موبائيل فون ۽ رڊيي جهڙيون شيون ٺاهڻ لاءِ وسيلن جي وڏي مقدار ۾ ضرورت ٿئي ٿي. اليڪٽرانڪس جي اهڙن اوزارن ۾ ڪيترائي زهريلا مادا جهڙوڪ: شيهو ڪيڊميم، بئريم، پارو ۽ باهه لاءِ مزاحمت رکندڙ وکر، فليم رٽارڊنٽ (ڏسو ص. 372)، پي وي سي، ۽ پي وي سي پلاسٽڪ (ڏسو ص. 341) گهربل ٿين ٿا.

اليڪٽرانڪس جون بيڪار شيون آخر ۾ گند جي ڍيرن ۾ انت ڪن ٿيون، جتي منجهائن زهريلا مادا سمي، جَر جي پاڻيءَ ۾ پهچن ٿا يا اهي اگهاڙن هٿن يا خطرناڪ ڳاريندڙ مادن جي مدد سان الڳ الڳ ڪري انهن جو سامان ۽ پرزا ٻيهر استعمال ڪيا وڃن ٿا. جنهن سبب ريسائيڪل ڪرڻ جو ڪم ڪندڙ فرد، صحت جي سنگين مسئلن جو شڪار ٿين ٿا ته اهڙا زهريلا مادا ٻين شين سان به ملائين ٿا جيڪي اڳتي هلي صحت جا وڏيڪ مسئلا پيدا ڪن ٿا.


مکوٽو دستانا ۽ بچاءُ جون اهڙيون ٻيون شيون استعمال ڪرڻ سان، ڪمپيوٽر ريسائيڪل ڪندڙ محفوظ رهن ٿا.

انهن سڀني جو سلامتيءَ وارو اپاءُ، اليڪٽرانڪس ٺاهيندڙ ڪمپنين جو انهن جي ريسائيڪلنگ ڪرڻ جي ذميواري کڻڻ ۽ پنهنجين شين ۾ اهڙو گهٽ ۾ گهٽ هاڃيڪار مواد جيڪو گهڻو وقت هلي سگهي استعمال ڪرڻ آهي. جڏهن ته اليڪٽرانڪس جون شيون خريد ۽ استعمال ڪندڙن کي اهڙي هاڃيڪار غلاظت گهٽائڻ لاءِ انهن جي خراب ٿي پوڻ جي حالت ۾ انهن جي مرمت ڪرائڻ آهي بجاءِ ان جي ته اهي اڇلائي ڇڏجن.

## زهريلو واپار

جڏهن ڪنهن هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ کي زهريلو مواد، گند، غلاظت ۽ هاڃيڪار مادو موڪلجي ٿو ته ان کي **زهريلو واپار** (toxic trade) سڏجي ٿو. ڇاڪاڻ ته امير ملڪ هميشه اهائي ڪوشش ڪن ٿا ته سندن گندغلاظت کي پري اڇلايو يا ذخيرو ڪيو وڃي ۽ جيئن ته غريب ملڪن جون حڪومتون عام طور تي انهن کي روڪڻ ۾ بيوس ٿين ٿيون تنهنڪري گهڻي ڀاڱي زهريلي واپار جو مقصد، امير ملڪن ۽ امير وسندين جو ڪن ڦٽ غريب ملڪن ۽ غريب وسندين ۾ گدامڻ ٿئي ٿو.

جيتوڻيڪ بين الاقوامي معاهدن هيٺ، صحت ۽ ماحول جو بچاءُ ڪرڻو آهي تنهن هوندي به زهريلن مادن جو ڪاروبار هڪ عالمي ڌنڌو ٿي پيو آهي. تماڪ، پيسٽيسائيڊون، ڊِي اِي ڪا ڊا، ائسبيسٽوس، شيهي گاڏڙ پيٽرول، اليڪٽرانڪس سميت ڪيترين هاڃيڪار شيون امير ملڪن کان غريب ملڪن ڏانهن عام جام موڪليون وڃن ٿيون.

ڪن قسمن جي زهريلي واپار تي عالمي بندش آهي (ڏسوص. 467). جيئن، ڪيترن انساني صحت ۽ حقن لاءِ وڙهندڙن کي ڄاڻ آهي ته قانون رڳو تڏهن ئي بچائي سگهي ٿو جڏهن ماڻهو منظم ٿي ان تي عمل ڪرائين ٿا.

### پنهنجي زهريلي غلاظت کڻو ۽ گهر وڃو

خيان سِي (Khian Sea) نالي هڪ ساموبڊي جهاز 14,000 ٽن زهريلي رک سان ڀرجي اميريڪي شهر فلاڊيليفيا مان ان ارادي سان لنگر کنيو ته اميريڪا کان ٻاهر جتي به ڪو هنڌ نظر اچي، اتي اها زهريلي رک ڦٽي ڪجي. پر اهو جهاز جتي به ويو ٿي ته ماڻهن اعتراض واريا ٿي.

سڀ کان اڳ ۾ اهو جهاز بهاما ۽ پوءِ ڊومينيڪن ريپبلڪ ويو. پر انهن ملڪن به سندن زهريلي غلاظت لاهڻ تي اعتراض ڪيا. پوءِ هونڊورس، برمودا، گني بسائو ۽ نيڊرلينڊس ائنٽيليس جو رخ ڪيو پر ڪنهن به ملڪ زهريلي رک پنهنجين حدن ۾ لاهڻ جو راضپو نه ڏيکاريو.

رک مان جان ڇڏائڻ جي پريشانيءَ ۾ جهاز جو عملو رک بابت هميشه ڪوڙ ڳالهائيندو رهيو. ڪڏهن چوندو ٿي رهيو ته اهو اڏاوتي مواد آهي يا روڊ جو ڀراءُ. پر ماحول - دوست سرگرم ڪارڪن ان جهاز کان اڳ ۾ هلندا هر ملڪ کي اهو ٻڌائيندا ۽ هوشيار ڪندا ٿي رهيا ته اصل ۾ رک ۾ ڇا آهي. ايئن ڪنهن به ملڪ رک وٺڻ تي راضپو نه ڏيکاريو سواءِ هئٽي جي. اتي جي اميريڪي ڀَڻو حڪومت اهو چئي رک پنهنجي ملڪ ۾ لاٿي ته "ڀاڻ" آهي. رک جا 4000 ٽن گونائيوس (Gonaives) ڳوٺ جي ساحل تي لاٿا ويا.

ٿورڙي وقت اندر عوامي واڪن، هائٽي جي آفيسرن کي اها ڳالهه مڃرائي ته اهو ڀاڻ ناهي جيڪو کين ڏيڻ لاءِ لاٿو ويو آهي. آفيسرن غلاظتي رک جهاز ۾ واپس ڪرڻ جو حڪم ڏنو پر خيان سي اڳ ۾ رات جي وڳڙي ۾ لنگر ڪٽي ڇڪو هيو.

ايندڙ 2 سالن دوران خيان سي هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ تائين هلندو باقي زهريلي رک جا 10,000 ٽن لاهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. ايتري قدر جو جهاز جي عملي ڪي، جهاز جي نالي مٽان رنگ ڪري اهو لڪائڻ لاءِ پڻ ڇپيو ويو. تنهن هوندي به هو ٻئي ڪنهن ملڪ جي اڪين ۾ سرمو وجهي، زهريلو مال لاهڻ ۾ ڪامياب ٿي نه سگهيا.




اڳتي هلي جهاز جي عملي تسليم ڪيو ته، غلاظتي رک جو هڪ وڏو مقدار هِندي وڏي سمنڊ ۾ اڇلايو ويو آهي. جڏهن ته آخر ۾ باقي بچيل زهريلي رک جا 2000 ٽن واپس فلاڊيلفيا جي ڪاهي ۾ اڇلايا ويا. جنهن لاءِ ماحول - دوست سرگرم ڪارڪنن جي سالن جي ڪوشش ۽ همت کي ساراهڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهجي.

## شهري اڏاوتن سان زهريلو گندڪچرو لهي سگهجي ٿو

بدقسمتيءَ سان زهريلي گندغلاظت کي نظرانداز ڪرڻ سان اها ختم ٿي نٿي وڃي. جڏهن شهرن ۾ نيون رٿائون شروع ڪيون وڃن ٿيون ته ماڻهو نون مارڪيٽن، گهرن، وندر ورونهن جي ماڳن اڏجڻ ۽ نوڪرين حاصل ڪرڻ سبب گهڻو خوش ٿين ٿا. خاص طور تي جڏهن اهي رٿائون، اهڙن ماڳن تي شروع ڪيون وڃن ٿيون جتي، اڳ ۾ ڪو ڪارخانو يا ملٽري بيئنڪ هجي، تڏهن ماڻهن کي لازماً ان ڳالهه کان خبردار رهڻ گهرجي ته اهو ڪنهن زهريلي گند غلاظت جو گدام ته نه ٿي ويو آهي. جيڪڏهن ٿي ويو آهي ته اڳ ۾ زهريلي غلاظت جو صحيح طريقي سان اُڪلاءُ ڪجي.

### هڪ صحت گهر اڏڻ



جڏهن اميريڪا جي شهر، سان ڊياگو (San Diego) ۾ هڪ نئون اسٽئڊيم اڏجڻ شروع ٿيو ته، سان ڊياگو پادريس جي بيس بال ٽيم جا شيدائي تمام گهڻا خوش ٿيا ته هاڻ نئين اسٽيڊيم ۾ رانديون سنٺيءَ طرح سان ڏسي سگهبيون ۽ نئينءَ اڏاوت ٿيڻ سبب وسنديءَ جي ڪيترن ماڻهن کي نوڪريون ملنديون. پر انوائرنمينٽ امپيڪٽ اسيسمينٽ (EIA) مان خبر پئي ته ان رٿا سبب ماحول ۽ ماڻهن جي صحت تي پڻ خراب ۽ خطرناڪ اثر پوندا.

چو ته، اهو ماڳ زهريلن ڪيميائي مادن سبب غليظ ٿيل هو. رٿا هيٺ اهڙي سڄي زهريلي زمين ڪوٽڻي ۽ شهر جي وچ ۾ ساڙي ختم ڪرڻي هئي. اتان جي هڪ مقامي تنظيم اِي ايچ سي (Environmental Health Coalition) کي خبر هئي ته ايئن ڪرڻ سان صحت جا سنگين مسئلا پيدا ٿيندا تنهنڪري هنن سڄي برادريءَ کي منظم ڪري ان ماڳ جي نعم البدل جي گهر ڪئي.

اي ايچ سي ۽ برادريءَ، شهري آفيسرن کي اها رٿا رد ڪرڻ لاءِ چيو پر سندن ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪئي ويئي. برادري 100 کان مٿي رهواسين کي منظم ڪري اسٽيڊيم اڏجندڙ ماڳ تي احتجاج ڪيو. جڏهن مقامي ميڊيا ان ڳالهه کي ڪنيو ته ايئن لڳو جڻ ته، سان ڊياگو پادريس کي پنهنجن مداحن جي ڪا پرواهه ئي ناهي. سنت ئي پوءِ ٽيم وارن ان ڳالهه تي متفق ٿي زهريلي زمين مان جان ڇڏائڻ جو ڪو بيو طريقو ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي.

اي ايچ سي اهو به واضح ڪري ٻڌايو ته، نئين اسٽيڊيم نهڻ سان ڪيئن نه آمدرفت ۽ هوائي غلاظت سميت آسپاس ۾ رهندڙ ٻارڙن ۾ سهڪي جي بيماريءَ ۾ واڌارو ٿيندو. ڪيترن سالن جي صلاحن ۽ ميٽنگن ڪانپوءِ اي ايچ سي پنهنجي سهڪار سان هڪ نئين صحتمند عمارتي رٿا تيار ڪرائي.

هرويرو ايئن به ناهي ته جڏهن عوامي صلاح مشورا ڪيا وڃن ۽ اِي آءِ اَي به ڪئي وڃي ته ان سان اهڙي رٿا ڪنهن قسم جي هاڃي کان پاڪ صاف ٿي وڃي ٿي. سان ڊياگو اسٽيڊيم جي حوالي سان معمار چاهين پيا ته اها رٿا شروع ڪئي وڃي جيتوڻيڪ کين خبر هئي ته زهريلي زمين ساڙڻ سان ڪهڙا نه ڪلور ٿيندا ۽ اسٽئڊيم جي رٿا ۾ ڪهڙا مسئلا موجود آهن. ان لاءِ هڪ منظم ۽ سچائي رکندڙ جماعت اهڙين سيني رپورٽن جو اپياس ڪيو. گڏجاڻيون ڪيون ۽ رستن تي احتجاج ڪيو ته جيئن سرڪار اهڙي هاڃي کي گهٽائي سگهي.

سان ڊياگو جا گهڻا ماڻهو هر راند سان دلچسپي رکن ٿا جيڪا پادريس کيڏن ٿا. هاڻ اهي پنهنجيءَ ٽيم جي سهائتا ڪن ٿا جو کين خبر آهي ته انهن کين بيمار ٿيڻ کان بچايو آهي.

## زهريلي گندغلاظت اڪلائڻ لاءِ بين الاقوامي معاهدا

ڪيترن سالن کانوٺي اتر اميريڪا ۽ يورپ جا امير ملڪ آفريڪا، ايشيا، لئٽن اميريڪا ۽ اڀرندي يورپ کي بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي پنهجيءَ زهريلي غلاظت لاءِ گدامن طور استعمال ڪندا رهيا آهن. غريب ملڪن جي ماڻهن جي ڪارروائين ۽ دنيا جي ماحول- دوستن جي وڌندڙ دٻاءَ سبب ڪيترا بين الاقوامي معاهدا وجود ۾ آيا آهن جن هيٺ زهريلي گند ڪچري جي واپار تي بندش پيئي آهي.

ان سلسلي ۾ پهريون معاهدو بئسل ڪنوينشن (Basel Convention) نالي 1992 ۾ وجود ۾ آيو. جنهن هيٺ هاڃيڪار غلاظت جي هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ آڻڻ، نيڻ ۽ اتي اُڪلائڻ جي ڪم کي ضابطي ۾ رکيو ويو آهي. هي معاهدو گهٽي پاڳي انهن سرگرم ڪارڪنن جي سوڀ سبب وجود ۾ آيو جن خيان سي جهاز جنهن دنيا جي ڪنهن نه ڪنهن ملڪ ۾ پنهنجي زهريلي رڪ نيڪال ڪرڻ تي چاهي بابت آگاهي ڏني. بئسل معاهدي تي صحيون ڪندڙ ملڪن ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ته اهي زهريلو گندڪچرو صاف ڪندا، ٻيهر استعمال ڪندا ۽ جيتري قدر ممڪن ٿي سگهندو ان ماڳ جي ويجهو اڪلائيندا جتي اهو پيدا ٿئي ٿو بجاءِ انجي جو اهو ٻين ملڪن ۾ دفن ڪيو وڃي.

سال 2001 ۾ دنيا جي 92 قومن، اسٽاڪ هوم ڪنوينشن آن پرسسٽنٽ آرگئنڪ پوليوٽنٽس/ پاپس (Stockholm Convention on Persistent Organic Pollutants/POPs) تي صحيون ڪيون (ڏسو POPص.340). جنهن هيٺ دنيا جي وڌ ۾ وڌ خطرناڪ پاپس (جنڪي ڊرٽي ڊزن سڏجي ٿو) جي ٺاهڻ، استعمالڻ ۽ واپارڻ کي غير قانوني قرار ڏنو. سواءِ اهڙين حالتن جي جڏهن انهن مان ڪنهن ڪيميائي مادي جي پيدا ٿيندڙ هاڃي کان وڌيڪ پيدا ٿيندڙ هاڃو روڪڻ ضروري سمجهيو وڃي (جهڙوڪ ڊي ڊي ٽيءَ جو مليريا روڪڻ لاءِ محدود استعمال ڏسو ص. 150).

اهڙو ٽيون معاهدو سال 2004 ۾ روٽرڊئم ڪنوينشن (Rotterdam Convention) نالي ڪيو ويو، جنهن هيٺ ڪنهن به هڪ ملڪ کي ٻئي ملڪ کان هاڃيڪار ڪيميائي مادا پرڏيهه موڪلڻ بابت آگاهه ڪرڻ ۽ اجازت وٺڻ ضروري ٿئي ٿي.

جڏهن ماڻهن کي اهڙن معاهدن جي ڄاڻ ۽ نافذ ڪرائڻ جي خبر هجي ته اهي، اسانجي هن دنيا کي صحتمند ۽ بي تعصبي بڻائڻ ۾ اهم ڪل پرزا ثابت ٿي سگهن ٿا. جڏهن ته امير ملڪن ۽ وڏين وڏين ڪمپنين وٽ قانون کان منهن ڦيرڻ جا ڪيترائي طريقا موجود آهن. اهڙن قومي ۽ بين الاقوامي قانونن رستي ماحولياتي صحت لاءِ ڪوششون وٺڻ لاءِ



## نانگ ـ ڏاڪڻ راند / لوڏي راند



صحت جي تعليم لاءِ لوڏي راند (snakes and ladders game) مشهور آهي. هن قسم جي راند ڪري اهو ٻڌائي سگهجي ٿو ته. زهريلا ڪيميائي مادا اسانکي ڪيئن نقصان رسائي سگهن ٿا، انهن کي ڪيئن گهٽائي ۽ پاڻ بچائي سگهجي ٿو. توهان هيٺ ڏنل راند جهڙي پنهنجي راند، هڪ وڏي پني، پاڻي يا تختيءَ تي به ٺاهي سگهو ٿا.

**سامان:** ڏارو ۽ ٻج، پٿريون يا ڪوڏيون.

**اصول:** هيءَ راند 2 کان 4 ماڻهو يا سڄي ٽيم کيڏي سگهي ٿي. هر رانديگر هڪڙو مارڪر استعمال ڪري ٿو (ٻج، پٿري، ڪوڏي) ته جيئن اها خبر پئجي سگهي ته هو بورڊ تي ڪهڙي هنڌ آهي.



پهريون رانديگر ڏارو اڇلائي، ڏاري جي انگن مطابق پنهنجو مارڪر ان انگ تائين پهچائي سگهي ٿو. شروعات پهرئين چورس کان ڪجي ٿي. جنهن تان راند شروع ڪرڻ لاءِ چيل آهي. جيڪڏهن رانديگر جو ڏارو ڇڪو ڏيکاري ٿو ته هو 6 گهر اڳتي وڌي ۽ وري ڏارو اڇلائي ٿو نه ته ڏارو ٻيو رانديگر اڇلائي ٿو.

جيڪڏهن مارڪر نانگ جي منڍيءَ تي اچي ٿو ته اتي لکيل ڳالهه رانديگر پڙهي ٿو ۽ پوءِ مارڪر، نانگ جي پڇ تائين رسائي ٿو ۽ وري زور سان اتي لکيل ڳالهه پڙهي ٿو جتان رانديگر جي ٻي چال شروع ٿئي ٿي. جيڪڏهن مارڪر ڏاڪڻ جي آخر تائين پهچي ٿو ته رانديگر اتي لکيل ڳالهه زور سان پڙهي ٻڌائي ٿو ۽ مارڪر ڏاڪڻ جي مٿين ڏاڪي تائين پهچائي اتي لکيل ڳالهه زور سان پڙهي ٿو جتان رانديگر جي نئين چال شروع ٿئي ٿي.



جيڪو رانديگر آخري چوڪڙيءَ تي سڀ کان اول پهچي ٿو. اهو کٽي وڃي ٿو. آخري چوڪڙيءَ تائين رسڻ لاءِ ضروري آهي ته ڏاري جو انگ چوڪڙيءَ جي نمبر جيترو نمبر اچي.

هن راند مان سنو مزو تڏهن اچي ٿو جڏهن توهان نانگن وارين چوڪڙين تي ڏنل پيغام تي عمل ڪريو جيڪي صحت جي مسئلن ۽ توهانجي وسنديءَ ۾ زهريلن مادن جي ڳالهه ٻڌائين ٿا. ساڳئي طرح ڏاڪڻين وارين چوڪڙين تي ڏنل هدايتن تي به عمل ڪريو ته جيئن توهان پنهنجيءَ وسنديءَ ۾ انهن هاڃيڪار ڳالهين سان لاڳاپي ۾ اچڻ کان پاڻ بچائي انهن جا اپاءَ وٺي سگهو.

رانديگرن کي اتساهيو ته اهي راند ڪرڻ دوران جن ماڳن، (نانگن) ۽ اپائن (ڏاڪڻين) تي اچي رسن ٿا، انهن تي پاڻ ۾ بحث ڪن. راند پوري ٿيڻ کانپوءِ هڪبئي کان پڇو ته زهريلن مادن جا اجان به ڪي اهڙا مسئلا ته ناهن جن جو ذڪر نه ڪيو ويو آهي ۽ انهن بابت ماڻهو ڪهڙا اپاءَ وٺي پنهنجيءَ صحت جو بچاءُ ڪري سگهن ٿا.






هن قسم جي وڏيڪ راندين بابت معلومات لاءِ ڏسو هيسپيرن فائونڊيشن جو ڪتاب "هيلپنگ هيلٿ ورڪرس لَرن" باب-11